
گل شڪر
سنڌي ادبي بورڊ

Suresh Kajni
16-10-81

# گل شڪر

(سنڌي پهاڪن بابت ڪتاب)

*

ديوان ڪيول رام سلامت راءِ آڏواڻي

سنڌي ادبي بورڊ
حيدرآباد سنڌ
پاڪستان

هن ڪتاب جو ڪَور ۽ شروعاتي 2 صفحا سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ٽلڪ چاڙهي، حيدرآباد ۾ ڇپيا ۽ باقي مواد پاپولر پرنٽرس ٿڌي سڙڪ، حيدرآباد ۾ ڇپيو، ۽ ظفرحسن سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

[سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم]

| | | |
|---|---|---|
| ڇاپو پهريون | | 1905ع |
| ڇاپو ٻيون | | 1915ع |
| ڇاپو ٽيون | | 1921ع |
| ڇاپو چوٿون | (س-ا-ب) | 1953ع |
| ڇاپو پنجون | | 1956ع |
| ڇاپو ڇهون | | 1968ع |
| ڇاپو ستون | | 1978ع |

**قيمت 00-12 رپيا**

**Price Rs: 12-00**

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

**GUL SHAKAR:** A Book on Proverbs in Sindhi.
**Written by:** Divan Kewal Ram Salamat Rai Advani
**Published by:** Sindhi Adabi Board,
P. O. Box-12, Hyderabad Sind, Pakistan.
**1st: Edition 1905, 7th: Edition 1978.**

| پهاڪو | صفحو |
|---|---|
| پاپيءَ ڪي خواب | ٣١ |
| پاپل آچاري | ٣١ |
| **ٻ** | |
| ٻگو گهڙو ٻون ٻون ڪري | ٣٢ |
| ٻگي ٿي سان پير | ٣٢ |
| ٻنگڙي سلطان | ٣٣ |
| ٻنگن چيز ٻڌن | ٣٣ |
| ٻنگ جهنگ ۾ پاڻي | ٣٣ |
| پاڙي ۾ مسواڙ جو | ٣٣ |
| پيٽر پنهوران | ٣٤ |
| ٻنگي پائر ۾ جتان | ٣٤ |
| ٻنگي دي جو سدا سهاڳڻ | ٣٤ |
| پرئي آٿ نان وڃڻي | ٣٥ |
| پيچ چريا مست آيئي | ٣٥ |
| پجندڙن جي اگ ۾ | ٣٥ |
| پلي پاڻ آئي | ٣٦ |
| ٻگڙن ڪاڏي هٿ | ٣٦ |
| پريءَ چني ڪان | ٣٦ |
| **ت** | |
| توڙي وڃي روم | ٣٧ |
| تڪڙي ڪتي | ٣٧ |
| تڪڙو ماڻهو | ٣٨ |
| تڪيا سپ تڪيام | ٣٨ |
| تنهن جي مرڻ جو ارمان | ٣٨ |
| تاڙي هڪ هٿي | ٣٩ |
| تماڪو تاڻي | ٣٩ |
| تيل سهانگو هو تم | ٣٩ |
| تنوڻ جو تڪرار سان | ٤٠ |
| تڪڙ ۾ طمع چا ڏجي | ٤٠ |
| تر جي گتي | ٤١ |
| **ٽ** | |
| ٽوري ڪنئي گهٽي | ٤١ |
| ٽوري گرهين | ٤٢ |
| ٽڏو گهڙو پاڻ ڪي | ٤٣ |
| ٽورو ڏسي ارهو | ٤٣ |
| **ٿ** | |
| ٿنونءَ ڪي ٿارو | ٤٤ |
| **ٺ** | |
| ٺلهو چڙو | ٤٤ |
| ٺڙ ڪجي ٺڪاو ڪجي | ٤٤ |
| ٺونٺ لڳي | ٤٥ |

| ڀاڪو | صفحو |
|---|---|
| سوڙهي سياندري | ١٢٦ |
| سڙئي گهوڙي | ١٢٧ |
| سوٽ ڪري سينگار ته به | ١٢٧ |
| سهٽا ڏوهه به پٽن | ١٢٧ |
| سيڪا ڀڪري | ١٢٨ |
| سچا عاشق پيئو دي آچار | ١٢٨ |
| ستي لڪڙن ڪان موٽي | ١٢٩ |
| سپر سان سيڻ | ١٢٩ |
| سي اڍائي سي سادا به | ١٣٠ |
| سوناري جو سؤ ڏکن | ١٣٠ |
| سياڻي اکيان رڻ | ١٣٠ |
| ستي شينهن ڪي | ١٣١ |
| سيڪو پنهنجي هٽيءَ | ١٣١ |
| سڪوڪاٺ ڀپاسا ييچي | ١٣٢ |
| ست ڪئا ڪائي ٻاي | ١٣٢ |
| **ش** | |
| شڪر ڪر صحيح | ١٣٢ |
| شينهن اکيان لڪڙي | ١٣٣ |
| شينهن نه ڏيکيا ته ڏيک | ١٣٣ |
| **ص** | |
| صبر جنين سينگ | ١٣٤ |
| صبر وڏو تول آهي | ١٣٤ |
| صلاحين شينهن ڀڄهن | ١٣٥ |
| **ظ** | |
| ظلم قائم آهي | ١٣٥ |
| **ع** | |
| عقل ري ارمان | ١٣٥ |
| عيسي نه موسي | ١٣٦ |
| عقل آهين جو | ١٣٦ |
| علت وڃي عادت نه وڃي | ١٣٦ |
| **غ** | |
| غريب جي جوءِ | ١٣٧ |
| **ق** | |
| قرض ڪوڙه جو نڪو | ١٣٧ |
| قاضي ڄاٽي | ١٣٧ |
| **ڪ** | |
| ڪتيم سپ چمار | ١٣٨ |
| ڪکان ڪوڙي پاه | ١٣٨ |
| ڪتي جا ڏند گڏه جو | ١٣٩ |
| ڪني ماضي من ۾ | ١٣٩ |
| ڪڏهن پريءَ ۾ ڪڏهن | ١٣٩ |

# پهاڪا

---

## الف

۱- آنڌو اها، ڄا ڪوريءَ جي من ۾ هوندي.

هي پهاڪو ظاهري وات ۾ ڪوريءَ جي اختياري ڏيکاري ٿو، جو جڏهن تاڄي اڳيانس پکڙيل آهي، آئون پيٽي لاءِ نڙو هٿ ۾ اٿس، تڏهن ڪپڙو گهاٽو آڻي توڙي ڇڏي؛ تہ مرضي سنديس. پر حقيقت جي وات ۾ مطلب هي اٿس، جو ڏڻي سڀ ڪم لاءِ سگهارو آهي. نہ ڪنهن جي صلاح وهيٽو، نہ ڪنهن جو دلبو ڪائي، نہ ڪنهن جو مٿس زور هلي، نہ ڪنهن جي واهرکهري. جيڪي وڻيس سو ڪري. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: قادرا قدرت تو داري، هرچہ خواهي آن ڪني،
مُرده را جاني بہ بخشي، زنده را بيجان ڪني،
شاهہ را تاجي ستاني، آروزوئي نان ڪني،
هر گدائي را ڪہ خواهي، آن زمان سلطان ڪني.

سنڌي: اي ڏڻي! سگهارو آهين، جيڪي وڻيئي سو ڪرين،
ڪي ڪي جيارين، جيئري ڪي مارين،
راجاڪان ڇٽ ڪسي انڪي مانيءَ جو محتاج ڪرين،
جنهن پينارکي وڻيئي تنهن‌کي ان مهل راجا ڪرين.

۲- آب جو ڏنو ڪهڙي ڪم، جو جاسين رب نہ ڏيئي.

آبَ يعني پيءُ، رب يعني ڏڻي. ڪي ماڻهو آرسي، پيءُ‌کي ونهيون ڏسي، پاڻ دولت ڪمائڻ لاءِ پورهيو نہ ڪن. پائين، جو اها پيءُ واري دولت ورثي ۾ هٿ ايندي؛ سا بس آهي. انهن نٿا ڄاڻن تہ ابي اها ڪٿان آندي. هي پهاڪي وارو

سندن سواد کي نه سمجهي، ڇو ته هي ڪي هڪڙو ڄاڻندو آهي.
اهڙو مثل هنديءَ واري ۾ به چيو آهي:
هندي: آن جانت ڪون پارداس * مصري ڦٽڪي ايڪ.
ترجمو: ساڳيو ٻهاڪي جو مطلب.

١١- اڻ سرنديءَ شيءِ ڪو نري، ڪرو ڪو سرنديءَ نڙي.

ٻهاڪي جو مطلب هي آهي: جو اڻ ٻڇنديءَ وارو ٻاڻيهي به غريبيءَ سان هلندو، پر ٻچنديءَ وارو جڏهن غريب ٿي هلي، تڏهن چڱو مڙس سڏجي. جهڙو فارسيءَ وارو چيو آهي:
بيت: تواضع ز گردن فرازان نکو ست،
گداگر تواضع کند خوي اوست.
ترجمو: نياز وڏن ماڻهن کي چڱو آهي؛ پينار جيڪڏهن نياز ڪندو ته اها هن جي عادت آهي.

١٢- آهاري، وهنواري، ڏيون گهوٽ سهاري، لڄا ڪري ته هاري.

آهارُ يعني کاڌُ، وهنوار يعني ڏيتي ليتي، مهارو، گهوٽ پرڻيل جي پهرئين رات جي سمهڻ جي جاءِ.
مطلب هي آهي، جو سيانا چوندا آهن ته لڄ چڱي آهي، پر ان ٽن ڪمن ۾ لڄ ڪرڻ مرڳو گهاٽو آهي. تهڙيءَ ريت جيڪڏهن ڏئي جو ڳولو به منسار جا حجاب نه ڇڏيندو ته ڏڻيءَ کي واصل نه ٿيندو.

- آهير ڪتي اوٺي، رن وڃائي رنبو.

اهيرَ جهنگلي ماڻهو، اوٺي هڪڙي لوهه جي هلڪي شيءِ دکو به تور آهي، جنهن تي زالون سٽ اوڻين. رنبو، هڪڙو

* پارداس، شاعر جو نالو.

ترجمو: عاشق پنهنجي گهر بل کان هٿ نه کڻي،
توڙي مٿس تراريون ۽ پاهڻ ڪري وسن.

٤٩- آن پنهنجي مٽ ۾ ترڪي.

آن جا پير اهڙا ترڪڻا آهن، جو گهڻا پيرا سندس مٽ ۾ سندس پير ترڪندا ڏسڻ ۾ آيا آهن. پهاڪي جو مطلب هي آهي، جو ڪليڇڻو ماڻهو پنهنجي ليڇڻ کان پاڻ بڇڙو ٿئي. تنهن تي فارسي ۾ واري چيو آهي:

فارسي: اگر ز دستِ بلا بر فلڪ رود بدخو،
ز دستِ خوءِ بدِ خويش در بلا افتد.

ترجمو: ڪليڇڻو بلا کان ڀڄي جي اڀ ۾ وڃي،
پنهنجي بڇڙن ليڇڻن جي هٿان بلا ۾ پوي.

٥٠- اٺ جي چوري ڍڪي ۾ ڇا لڪندي؟

اٺ وڏو وهٽ آهي، تنهن کي ڪو چورائي ڍڪي ۾ لڪائيندو ته ڪاٿي لڪندو. تنهن وانگي جا ڳالهه پڌري گهڻن ڪنن تي پيل هوندي، سا ڪيئن ڪو لڪائي سگهندو؟ جهڙو فارسي واري چيو آهي:

فارسي: نهان ڪي ماند آن رازي، ڪز و سازند محفلها.

ترجمو: اهو ڳجهه ڪٿان لڪي، جنهن جون مجلسون ڪن.

٥١- آئي ڏاندي کي بورڙائي ڏي ويٺي.

هن پهاڪي جي ظاهري معني هيءَ آهي، جو پرائي گهر ۾ ڏوري ڪم لاءِ آئي، گهر جو دعويدار ٿي ويٺي. جهڙو فارسي وارو پڻ چوي ٿو:

فارسي: آمد براه اخگر۔چون مطبخه نشست.

ترجمو: ساڳيو پهاڪي جو ترجمو.

پر مطلب هي آهي، جو هيءَ دنيا پرائو گهر آهي، تنهن ۾ ماڻهو رڳو عبادت لاءِ آيو آهي؛ اهو ڪم ڇڏي پاڻ کي گهر جو ڌڻي ڄاڻي ويٺو آهي. آئون فريد صاحب جي هن سلوڪ کي نٿو سمجهان:

سلوڪ: چار گنوايا هنڊڪي، چار گنوايا سُمهه،
ليکا ربُ مڱيسين، تون آيون ڪهڙي ڪم؟

ارٿ: چار پهرڊنڊي ۾وڃايئي، چار پهرننڊ ۾ وڃايئي،
حساب ڏڻي گهرندءِ، آئين ڪهڙي ڪم؟

٥٢- اٺ کي لاٺو، گهوڙي کي ڌاڻو، مرد کـــي ناڻو،
محبوب کي ماڻو.

لاٺو هڪڙو جهنگلي گاهه آهي جو اٺ کي چڱو لڳي؛ ماڻو يعني ناز. هن پهاڪي مان پيو نرالو مطلب ڪونه ٿو نڪري، مگر جهڙيءَ طرح پهرين ٽن کي ٽي شيون چڱيون آهن، تهڙي ريت محبوب کي پڻ ناز چڱو آهي. خصوصاً فارسيءَ واري محبوب ۽ ناز کي ابجد جي ليکي هڪ ڪري ڏيکاريو آهي:

| محبوب اکر | انگ | ناز اکر | انگ |
|---|---|---|---|
| م | ٤٠ | ن | ٥٠ |
| ج | ٨ | ا | ١ |
| ب | ٢ | ز | ٧ |
| و | ٦ | | |
| ب | ٢ | | ٥٨ |
| | ٥٨ | | |

٥٣- اڳين پاڻيءِ پوئين ڇِڪَ.

ڪنهن تلاءَ ۾ پاڻي ٿورو هجي، آئون آتاهون ڏنڻ يا لشڪر گهڻو آچايل لنگهي، ته جيڪي اڳي هوندا سي پاڻي پيئندا،

وارو هوندو، پر ٻڌڻ واري ۾ جي لئي ڪونہ هوندو تہ ڇا حاصل ٿيندو؟ جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: فهم سخن گر نکند مستمع۔ قوت طبع از متکلم مجو،

ترجمو: سمجهہ ڳالهہ جي جيڪڏهن نہ ڪري ٻڌڻ وارو،
زور طبع جو ڇونڊڙ ڪاں ۾ ڳول.

## ٻ

۸۴- ٻگو گهڙو ڏون ڏهن ڪري.

جهڙو ٻگو گهڙو، تهڙو اجاڻ ماڻهو، يعني هن جو ڪُڙڪو ٻچڙو تهڙو هن جو ڳالهوُ اجايو، جهڙو هنديءَ واري چيو آهي:

هندي: ان پوچي هي جانيئي مُوڙهُ ديک من ماهہ،
چلکي اوڇي نيرپر، پوري چلکي نانہ.

ترجمو: اڻ پڇي مورک جو حال دل ۾ جاڻي ونجي،
پريل دلي جو پاڻي نہ چلڪي، ۽ اوڻي جو چُلڪي.
اهڙي ڳالهہ نمبر ۱۱۵ واري پهاڪي ۾ پڻ هلي آهي.

۸۵- ٻگيءَ مان ٿي پير، جاسين رتو راس ٿئي.

هي پهاڪو پڻ قناعت جو تاڪيد تو ڪري، جو جاسين تو وٽ دولت گهڻي نہ آهي تاسين سادي سودي تي سنجهہ ڪري دم لنگهاءِ. تنهن تي فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

بيت: گر نبود بالش آگنده پر،
خواب توان کرد حجر زير سر.

ترجمو: جيڪڏهن وهاڻو ڪنين پريل نہ هئي،
پاهڻ مٿي هيٺ ڏيئي ننڊ ڪري سگهجي.

فارسي: ميخواستم ڪه سڪه زنم تا به روم و شام،
عقلم جواب داد ڪه بي زر نميشود.

ترجمو: پانيم ته روم، شام تائين پنهنجو سڪو هلايان،
عقل جواب ڏنم ته ناڻي ڌاران نٿو ٿئي.

۱۰۷- تَوَڻ جو تڪرار سان، سڌ جنهن ڪي هوءِ،
منجي آتي جوءِ، وجي تنهن ڪي وسري.

تَوَڻ يعني رات ڏينهن جو ڪاڏو؛ هن پهاڪي جهڙ ذڪر نمبر ۲۹۰ واري پهاڪي ۾ پڻ آيو آهي. پر ان ۾ باز ۽ سرڪار جي قرض جي ڏپ بابت ڳالهه آهي. آن ۽ هـ ڳڻتيءَ جي وچ ۾ وڏو فـرق آهي. بازار جي قرض واري ڪ معافيءَ جي اميد، نه ته ٿوري قيد جو پـو پر آتي به ڪاڏي جي بڪ ڪانه رهنديس، ۽ تَوَڻ جو الڪو سڀ ڪان ڏاڍو آهي. ڏڻي آن سيني ڳڻتين ڪان شال بچاءُ ڪري. اهڙي حال واري لاءِ فارسيءَ واري پڻ ارمان ڪائي ڇيو آهي:

فارسي: شب پراگنده خسپد آنکه پديد،
نبود وجه با مدا دانش.

ترجمو: رات جو پريشان سمهي اهو، جنهن کي پڌري،
نه هئي تَوَڻ صبحاڻي جي.

۱۰۸- تڪڙ ۽ طمع ڇا ڏجي؟

يعني ڪنهن ڪم جي طمع رکي، تنهن ۾ تڪڙ ڪبي، ته ڇا پرائبو؟ ڇا ڪان، جو طمع پاڻ هڪڙي بڇڙي بلا آهي. جنهن جي فارسيءَ وارو ڳلا ٿو ڪري:

فارسي: بدوزد طمع ديده هوشمند،
درآرد طمع مرغ و ماهي به بند.

ترجمو: جيڪڏهن وڏائي ۽ مان آهي يا قيد جي پنڌي آهي.
آئون ڏٺيءَ کان ڇاڻان نه فلاڻي ڪان.

ٽ

١١٤- ٽٽونءَ کي ڏارو، تازيءَ کي اشارو.

ٽٽون يعني ڏيڙلو گهوڙو، ڏارو يعني لڪڻ. هن پهاڪي وارو ڇوري ٿو: جو جيترو پنڌ ٽٽون لڪڻ هڻڻ سان هلي، پلو گهوڙو اشاري سان اوترو هلي. تنهن وانگي جو ڪم سياڻو ماڻهو اشاري سان ڪري، اهو ڪم اياڻو ماڻهو ڦٽ لعنت مان به مس ڪري.

ڦ

١١٥- ٿلهو ڇڙو وجي گهٽو.

ڇڙو يعني گهنڊ يا گهنڊڻي، گهنڊڻي جڏهن پوري آهي تڏهن کڙڪو ٿي ڪري، پر جي نهري هئي ته جيڪر ڪٿان وڃي؟ تنهن وانگي ماڻهو پڻ جو سچو هوندو، سو گهٽي بڪواد ڪندو، ۽ سائو ٿورو ڳالهائيندو. اهڙو ذڪر نمبر ٨٤ واري پهاڪي ۾ پڻ هليو آهي.

١١٦- ٺيڙ ڪجي ٺڪاءُ ڪجي، اڳلو نه پڄي ته پاڻ پڄجي.

يعني جهيڙي جي مهل کڙڪو ڪري جهيڙو ڏارجي، پر جي آن ٺڙڪي تي بي ڊر نه ٿري، ته پاڻ ٺري پاسو ڪجي. مطلب جو جيئن تيئن ڪانڊ ڪرڻ ڇگو ڪم آهي. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: چو پرخاش بيني تحمل بيار،
ڪه نرمي به بندد در ڪارزار.

ترجمو: جڏهن جهڳڙو ڏسين تڏهين ڪانڊ ڪر،
ته ڪونرائي جهيڙي جو در بندي.

١١٧- ٹونٽ لڳي ساهيڙي يڳي.

ٹونٽ پاٹهن جي اڌ واري سنڌي جو ٹالو، ساهيڙي يعني دوستي. مطلب هي آهي، جو دوستي هڪڙي چڱي وٿ آهي، تنهن کي غنيمت ڄاڻ. ۽ جهڙيءَ تهڙيءَ ڳالهه تي دوستيءَ جهڙي نازڪ جواهر کي نه ڀڃ. فارسيءَ واري پڻ هڪڙو اهڙو مثل چيو آهي:

فارسي: سنگي بچند سـال شود لعل پـاره،
زنهار تا به يک نفسش نشکني به سنگ.
ترجمو: پاهڻ ڪيترن ورهن کان پوءِ جواهر ٿئي،
سنيال ته ٽوريءَ ويرم ۾ پاهڻ سان نه ڀڃينس.

## پ

١١٨- پرائيءَ ڏيءَ تان ڪارڪ به چڱي.

هن پهاڪي جي پاڙهن طرح آهي، جو هڪڙو ماڻهو پاڙوسيءَ جي ڏيءُ جي وهانءَ تي ويو، جڏهن وري آيو، تڏهن ياڻس پڇيو ته ڇا مليئي؟ چي ڪارڪ. چي بس؟ تڏهن هي پهاڪو چئي ٻڌايائينس. مطلب جو جيڪي اونهيئين ري کپت ملي، پوءِ توڙي ٿورو هجيس ته به چڱو. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: مفت را چـه بايـد گفت.
ترجمو: مفت ملي تنهن کي ڇا پڇبو.

١١٩- پڇندڙ نه منجهندڙ.

هن پهاڪي وارو پڻ نمبر ٥ واري پهاڪي چوندڙ وانگي مرشد کان وات پڇي وڃڻ لاءِ تاڪيد ٿو ڪري، ۽ چوي ٿو ته پڇندين ته وات ملندئي، ۽ منجهندين ڪين. فارسيءَ وارو پڻ چوي ٿو:

فارسي: جـو ينده يا بنده.
ترجمو: ڳوليندڙ سو لهندڙ.

۱۲۰- پنهنجي ڪئي جو نڪو ويج، نڪو طبيب.

هن پهاڪي مان پيو نرالو مطلب ڪونه ٿو نڪري، رڳو ايترو آهي، ته جو ماڻهو پاڻ پنهنجو زيان ڪندو، تنهن جو علاج ڪير ڪندو؟ جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: خود کرده را علاجي نيست.

ترجمو: ساڳيو پهاڪي جو مطلب.

۱۲۱- پاڻي ۽ باهه تورا نه چاڙهجن.

اِڪري هن پهاڪي جي معنيٰ توڙي مطلب هي آهي، جو باهه توڙي هڪڙي چڻنگ به هجي ته به توري نه ڇڏجي، ڇاڪان جو وڌندي ويرم نه ڪري؛ ۽ پاڻي ته به ان طرح جو هڪڙي واهه ۾ ننڍو پاڻي هجي، تنهن ۾ ڪو بيخوف ٿي گهڙي، پر جي اُن ۾ هڪڙي کڏ هئي ته ٻڏي يا نه؟ تنهنڪري ٻنهي کي تورو نه چاڙهجي؛ ۽ ڏچڻ گهرجي. فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

فارسي: آب و آتش به چشم کم ديدن،
کار داناء دوربين نه بُود.

ترجمو: پاڻي ۽ باهه اکين سان تورا ڏسڻ،
ڪم ڏاهي پچاڙي ڳڻيندڙ جو نه هئي.

۱۱۲- پاڻيءَ کان اڳي ڪپڙا نه لاهجن.

ڪنهن واهه جو پاڻي لنگهڻو هجي، ته پاڻي وٽ اچي سيڪو ڪپڙا لاهي، پر واهه تي پهچڻ کان اڳي ڪپڙا لاهڻ اهڙو ڪم آهي، جهڙو حجامت جوڙائڻ واري ڏينهن حجام اچا آيوئي نه هجي، اڳيئي مٿو اگهاڙو ڪري پسائي ويهجي، يعني اڳ ڪنهن ڳالهه لاءِ فڪر ڪرڻ سياڻپ نه آهي.

١٢٧- پيٽ پريو ته منهن ڪارو سهي.

ڪميني ماڻهوءَ کي دولت گڏ ڪرڻ جي ڳڻتي گهڻي رهي، ۽ مان جو فڪر ٿورو به نه رکي؛ ۽ مان کان ماني پياري ڄاڻي، ۽ چوي:

فارسي: بخدمت منه دست برپاي من،
سرا نان ده و کفش بر سر بزن.

ترجمو: خدمت سان منهنجي پيرن تي هٿ نه رک؛
سون کي ماني ڏي ۽ پادر مٿي تي هڻ.

پر اهو ليڇڻ ڪميڻن جو آهي؛ ۽ اشراف کي اها ڳالهه نه وڻي؛ جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: اگر آبحيات را بر آبروءِ فروشند، دانا نخرد.
ترجمو: جيڪڏهن انبرت آبروءَ تي وڪامي ته به سياڻو نه ڳنهي.
۽ اهڙو ذڪر نمبر ١٦١ واري ڀاڱي ۾ پڻ هليو آهي.

١٢٧- پٽ ڪپٽ پينگهي ۾ پڌرو.
هن ڀاڱي جي اکري ارٿ ۾ ڪي اهنجو نه آهي، جنهن جو بيان ڪجي؛ مگر مطلب سندس هي آهي، جو ساڃهو ۽ ڪلڇڻو ماڻهو آريڪٽن ۾ پڌرو. جهڙو هندي وارو چوندو آهي:

هندي: ڪل سپوت جانيو پري لک سب ليڇڻ گات؛
هون هار بروان کبي هوت چيڪني پات.

ترجمون: ذاتي سپٽ ٻٽ جي ليڇڻ ڏسڻ سان سڃاڻي؛
ٻلي ٿيڻ وارو بروان * جا پن ئي سٺيا ٿين.
۽ اهڙو ذڪر نمبر ٢٩ واري ڀاڱي ۾ پڻ آيو آهي.

* "بروان" وڻ جو نالو.

هندي: سات گانٺ کوپين ۾ تـہ او نـہ آني سنڪ،
رام عمل ماتي ڦرين گـنـہ اندرُ ڪَون رنڪ.

ترجمو: لانگوٽيءَ ۾ ست گنڍيون تہ بہ فڪر ڪونہ ڪن،
ڌڻيءَ جي نشي ۾ مست وتن، اِندرُ * کي ولهو سمجهن.

١٥٧– پنڊين مڱڻين گهر هلي تہ ڪہ آڏاري وات.

بعضي آرسي ماڻهو پورهئي کان ڀڄن، ۽ ڇـون جو پن مان گذر ٿئي تہ آڏارو پڻ نہ ونجي. هي ڀهاڪو اهڙن ڏي ميڇ ٿو ڏئي؛ پر لڄ واري کي ان جي آبڙ ڪرڻ کپي. هن ريت جو حلال جي ڪمائيءَ مان پاڻ بہ پالي، ۽ پڇنديءَ آهـر مسڪين محتاج جي پالنا ڪري، فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

فارسي: بچنگ آر، بادیگران نوش کن؛
نہ بر فضلئہ دیگران گوش کن.

ترجمو: هٿ آڻ، ۽ ٻين سانُ ونڊي کاءُ؛
ٻين جي اوبر کائڻ جو سعيو نہ ڪر.

١٥٨– پڙهي پاڻ نہ جاڻي ماري ڪتابي.

ڪتابي يعني شاگرد. سياڻا چوندا آهن جو استاد جي مار سنوار آهي، پر جڏهن استاد پاڻ پڙهيل نـہ هوندو تڏهن شاگرد سندس مار مان ڇا پرائيندو؟ تنهن وانگي جو درويش پاڻ ڌڻيءَ جي وات جـو سونهون نـہ هوندو، سـو ٻـئي کي ڪٿان وات ڏيکاريندو؟ جهڙو،

فارسي: خُفتہ را خُفتہ کَي کـنـد بيدار؟

ترجمو: ستل کي ستل ڪٿان جاڳائيندو؟

* اندر– سرڳ جو راجا.

ترجمو: ڪو ڪڙو سوچارو ڪري نہ سگھندو،
آن لوہ کي جو ٻچڙي ٻنياد وارو هوندو.

١٦٥- ٿاڙهو جاتي ڪائي، تاتي اوجهہ ڏئي.

اوجهہ ڏئي يعني مري پيٽ ٿاڙائي. شڪار ڪندڙ ماڻهو ساوا گاهہ يا شيون جهنگ يا ٻيلي ۾ رکي اچن، تنهن جي ڪاڻ تي ٿڙهاً يا پيا مرون هرن. هو وجهہ وٺي انهن کي ماري وٺن. مطلب هي آهي جو لالچ آن جانورن کي آتي آٽي تي مارائي، تنهن وانگي انسان کي ٻڻ طمع مارائيندڙ آهي. جيئن مڇيءَ کي گاهہ، ۽ پکيءَ کي چوڳو.

ج

١٦٦- جهڙي ڪرٽي تهڙي پرٽي.

چڱائي توڙي بڇڙائي، ته جو ڪندو، سو لوڙيندو. ان لاءِ گرو نانڪ شاهہ جو وچن آهي:

وچن: جيسا ٻيجي سو لٽي، ڪرما ابهو کيتُ.

ارٿ: جهڙي پوکي تهڙي لٽي، اها ڪرمن جي پوک.
۽ فارسيءَ واري پڻ هڪڙو مثل چيو آهي:

بيت: از مڪافات جهان ايمن مشوَ؛
گندم از گندم برويد، جو ز جو.

ترجمو: جهان جي پاڙي جهاڙي ڪان ٻي پَو نہ رهہ؛
ڪڻڪ مان ڪڻڪ ڄاپي، جَوَن مان جَوَ.

١٦٧- جنهن ساس ڏنو آهي سو گراس بہ ڏيندو.

گراس يعني ڪاڻ جو گرهہ. سچ جنهن ڏٺيءَ هن انسان کي آپايو آهي، سو ٿر ۾، توڙي بر ۾، توڙي ڇير ۾ قوت پهچائڻ وارو آهي. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: اي مگس هرگز نمانه عنڪبوت،
رزق را روزي رسان پر ميدهد.

ترجمو: مک ڏاران ڪوريئڙو نہ گذاري سگهي،
رزق کي رزق پهچائيندڙ کنڀ تو ڏئي.

١١٨- جڏهن پورا ٿي سپيا، تڏهن آئن ٿي رنو.
يعني آئــن چاتوءِ جــو نيت آهي پورا کين کٽڻا پوندا، تنهنڪري پهاڪي واري جو مطلب هي آهي، جو سڀڪنهن ڪم ۾ پڇاڙيءَ جي گهٽتي ڪرڻ چڱي آهي. اهڙي ڪم لاءِ مولانا نظامالدين پڻ چيو آهي:

بيت: آخر هر گريهءَ ماخننده ايست،
مرد آخر بين مبارڪ بنده ايست.

ترجمو: اسان جي روئڻ جو اوڙڪ کلڻ آهي،
اوڙڪ نهارڻ وارو برڪت وارو آهــي.

١٦٩- جو واءُ جبل اڏائين، تنهن جي اڳيان ڪپه ڇا آهي؟
هن پهاڪي جي اکري معني پڌري پڌري آهي، پر مطلب سندس هي آهي، تہ جنهن ڏاڍي کان سڀرو پـڻ ڏجي، تنهنجي اڳيان ايرو ڇا ڏاڙهي آهي. اهڙي ڳالهہ لاءِ گسائينءَ تلسيداس پڻ چيو آهي:

وچن: جنهن ســارت گيرمير آڏاهين،
ڪهو تول ڪنهن ليکي ساهين؟
ارٿ: ساڳيو پهاڪي جو مضمون.

١٧٠- جيڪي هوندو پاڳ ۾، سو وهي پوندو پاڳ ۾.
هن ملڪ جا واپاري گهڻو ڪري پڳڙيون وڏيون ٻڌن، تن کي هندي ڪو ربيو پيسو اوڌر سوڌر مان پــڙ پي تہ پــڳ ۾

١٧٦ - جڙيءَ کي جَسُ.

جس يعني شاباس، مطب هي آهي، ته جيڪو ڏنيءَ جي پاران جُڙيءَ اچي تنهن کي شاباس چئو، يعني شڪر ڪري کاءُ جهڙو سنسڪرت واري چيو آهي:

سنسڪرت: يٿا لابهُ شنتشٿٌ.

ترجمون: جيڪو ملي تنهن تي خوش،

۽ فارسي واري پڻ چيو آهي:

فارسي: بخور هر چه آيد ز دستِ حبيب،
نه بيمار دانا تر است از طبيب.

ترجمو: جيڪي سڄڻ هٿان ملي سو کاءُ،
طبيب کان بيمار سياڻو نه آهي.

ان لاءِ هنديءَ واري پڻ چيو آهي.

ڀاڪو: آئي کون روچي جان، گئي کون چانٿ.

ترجمو: جيڪي اچي تنهن کي رزق ڀلا،
جيڪي وڃي تنهن کي ڀلا.

١٧٧ - جنهين جي هيڪار، ڪيائين ڪوڙي ٿي،
تنهين تي ٻيهار، سچيءَ ساک نه وسهان.

جو ماڻهو هيڪر ڪوڙ ڳالهائڻ ۾ پڌرو ٿيندو، تنهن تي وري ڪير وسهندو؟ جهڙو هڪڙو انگريزي ڪتاب جو نقل پڌو اٿم:

هڪڙي ڳنوار ڇوڪر جهنگ ۾ دانهن ڪري چيو: شينهن ڙي شينهن! تنهن تي پاسي اوسي وارا هاري ناري ڊوڙي آيا، تڏهن چيائين ته ڪوڙ ٿي ڪيم. اوچتو هڪڙي ڏهاڙي سچ شينهن اچي ڌڻ ۾ پيس، تڏهن دانهون ڪري ٿڪو، پر ماڻهن اڳي وانگي ڪوڙو سمجهيو ۽ ڪو نه آيا، ۽ پوءِ ڍور گهڻا شينهن ماري ڇڏيا. مطلب جو ڪوڙ ڳالهائيندڙ ماڻهو بي اعتبار رهندو.

ارٿ: هڪڙن جي گهر ۾ پٽ پٽن جا پوڙا؛
هڪڙن جي گهر نُهر نُهرن جا ڏوهٽا؛
هڪڙن جي گهر ۾ هڪڙو پٽ اوهو به مري،
ڪير چوي ڏٺيءَ ڪي هئن نه هئن ڪر؟

١٩٧- جڏهن ڏنـد هئا تڏهن حلوه نـه هو،
جڏهن حلوه آهي، تڏهن ڏند نه آهن.
حلوه جيتوڻي ڪُٺري شئي آهـي، ڏندن بنا پڻ ڪائي سگهجي پر چبڻ ڏاران ڪا به شئي ساءُ نـه ڏئي. مطلب پهاڪي جو هي آهي، جو جڏهن جواني هئي ۽ محنت ڪـري سگهي ٿي، تڏهن موت ياد نه هو، ۽ ڏٺي جي عبادت ڪري نه سگهيو، ۽ ڏينهن ۾ وهائي؛ هاڻي جڏهن موت اکين سان ڏسجي ٿو، تڏهن جواني ناهي جو محنت ڪري سگهجي تنهن جو ارمان ٿو ڪري تنهن لاءِ سائين لوڪ هيو آهي:
وچن: پنج پهـر ڏنـدي گئي، تيـن گواهي سوءِ،
ايڪ گهڙي هرنا پچو، ڪُسل ڪهان تي هوءِ؟
ارٿ: پنج پهر ڏنڌي ۾ ويا، ٽي پهر ننڊ ۾ وڃايئي؛
هڪڙي گـهڙي بـه ڏٺـي ياد نـه ڪيئي،
خيرُ ڪٿان ٿيندُءِ؟

١٩٩- جبل سان مٿو هڻڻ نيٺ مٿو ڀڄي.
مطلب هي آهي، ته جو پاڻان ڏاڍي سان وڙهندو، تنهنڪري جبل سان مٿو هنيو، سو پنهنجو مٿو ڀڃائيندو، جهڙو فارسيءَ واري جو چوڻ آهي:
فارسي: زود بيني شڪستہ پيشاني،
توڪہ بازي بسرڪني باقوچ.
ترجمو: سگهو پنهنجو نرڙ ڀڳل ڏسندي؛
تون جو دُنبي سان ٽڪري راند ڪندين.

۲۰۵- جي جڏهن پڳا، سي تڏهن چِٽا.

هن پهاڪي جو مطلب هي آهي، جو ٻچڙن ڪمن ڪَي جڏهن ٻيڙو جاڻي ڪو ڇڏيندو، تڏهن چٽل ڄاڻبو. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

بيت: ترجمو: ڪسي گرچه بد ڪرد هم بد نه ڪرد،
چـو مـبـر را بزانـوءِ توبـه بُـبـرد.

ترجمو: جنهن شخص ٻيڙي ڪي تنهن ٻه ڄاڻ ٻيڙي نه ڪي،
جو مٿي ڪـــي تـوبـــه جي مونن تـي رکيائين.

۲۰۶- جهڙي پت تهڙو ڇيٽ

جي پت لسي آهي، ته مٿس چٽ ٻه چڱو ٿيندو، نه ته نه. تنهن وانگي جي ارادو چڱو هوندو، ته قل ٻه چڱو ملندو. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: ارادت نـيــاري سعادت مجوءِ،
بچوگان خدمت تـــوان بردگوءِ.

ترجمو: ويساه نه آڻين ته سياڳائي نه ڳول؛ خدمت جـي ڏڪر سان مطلب جي اٽي ڪجي سگهي.

۲۰۷- جهڙي نيت، تهڙي مراد.

نيت چڱي هوندي، ته مراد پرائبي. اهڙو فارسي پهاڪو پڻ آيو آهي:

فارسي: نيت خاص، مراد حاصل.

ترجمو: چڱي نيت سان مطلب پرائبو.

• اهڙي. وارداني نمبر ۲۰۶ واري پهاڪي ۾ پڻ هلي آهي:

۲۰۸- جيڪي ڪوهه ۾ هوندو، سو آهه ۾ پوندو.

آهه، ڪوهه جي پرسان ڊورن جي پاڻـي پيڻ لاءِ جوڙيندا آهن، معنيٰ پهاڪي جي هي آهي، جو ڪوهه ۾ پاڻي مٿو هوندو

توڙي ڪارو، تہ اهو آهي ۾ پوندو. تهڙيءَ ريت جي ڪم چڱا ڪيا، توڙي بڇڙا، تہ اهڙو ڦل اڳيان ملندو. جهڙو فارسيءَ وارو چوي ٿو:

فارسي: ڪسي دانہء نيڪمردي نہ ڪاشت،
ڪزو خرمنِ عافيت بر نداشت،
نہ هرگز شنيديم در عمرِ خويش،
ڪہ بد مرد را نيڪي آمد بہ پيش.

ترجمو: ڪنهن چڱمڙسيءَ جو ٻج نہ پوکيو،
جو ان مان ڀلائي جو ڦر نہ ڪنيائين.
پنهنجي جمار ۾ ڪڏهن نہ ٻڌوسون،
جو بڇڙي ماڻهوءَ ڪي چڱائي آڏو آئي.

٢٠٩- جيڪي ڪُني ۾ هوندو سو ڀاٽ ۾ پوندو.

يعني ڪُني ۾ ڀلاءُ رڌل هوندو تہ ڀلاءُ، جي رب رڌل هوندي تہ رب ڀاٽ ۾ پرچبي. پر مطلب سندس اهڙو آهي جهڙو پهاڪي نمبر ٢٠٨ واري ۾ لکيل آهي.

٢١٠- جهڙا روح، تهڙا ختما.

هي پهاڪو مسلماني اصطلاح جو آهي، جو مئن جي روحن نيت ڪاج جوڙي ختما ڏيارين؛ پر وڏن ماڻهن جي روحن لاءِ اڇا ڪاج، ۽ غريبن لاءِ سادا. مگر مطلب هي آهي جو سڀ هڪجهڙا لياقت وارا نہ آهن. هڪڙا اهڙا، جن مان شاباس جهڙن سان ڪم ڇٽي، ۽ هڪڙن کي ڪم ڪرڻ لاءِ ڦٽ لعنت جو ضرور ٿئي. جهڙو فارسي بيت آهي:

فارسي: نہ هر ڪس سزاوار باشد بمال؛
يڪي مال خواهد دگر گوشمال.

ترجمو: سڀڪو مال وٺڻ جو جوڳو نہ هُئي،
هڪڙو مال ڳُهر پيو ڪَنَّ مهٽ.

ترجمو: ڳالهڙو جو صرفو ڪر، ڳالهڙو اڳي نہ ڳالهائي؛
جاسين توکان نہ پڇن، تاسين ٻاڻان نہ ڳالهائي،
توکي ڏٺيءَ ڪن ٻـــہ ڏنـــا ۽ چپ هڪڙي،
هن لاءِ جر ٻڌ ٻہ، ڳالهائي هڪڙي کان واڌو نہ.

٢٢٥- چپ جي چمار، ملوڪ جي رات.

چٽ يعني جهنگلي يا اجاڻ. ملوڪ يعني اشراف يـا وڏو ماڻهو. هي پهاڪو اصل ڪنهن ميري ڪم جي باب ۾ آيو آهي سو بيان ڪرڻ صلاح نٿو اچي؛ سون کي منجهانس مطلب ڪيڏو آهي، جو سون گپ ۾ هئي تہ بہ ڪٿي ونجي. سو مطلب هي آهي جو بي ڌرم ماڻهوءَ جي سنگت ۾ جيڪڏهن سچي چمار وچائبي، تہ پرائبو ڪين؛ ۽ ڌرميءَ جي هڪ گهڙيءَ جي صحبت پل گهٽو قل ڏيندي. جهڙي لوهہ کي پارس جي سنگت.

## جهہ

٢٢٦- جهونا ڪپڙا پوڙا ٻور، تسڪا ناٽا لي گيا چور.

هي پهاڪو جيتوڻي هنديءَ ٻوليءَ وانگي چئڻ ۾ اچي ٿو، پر سنڌ ۾ راواجي آهي. معني سنديس هيءَ آهي، جو ڪپڙو پراڻو ٿيو تہ ڪر ملهہ چور ٿيو؛ تنهن وانگي پوڙ ٻڻ پوڙهو ٿيو تہ ڪم کان نبريو. پر جيڪڏهن مچ ڪري پڇو، تـہ ماڻهو ٻڻ اِن قطار ۾ ڳڻڻ گہي. فارسيءَ وارر چوندو آهي:

فارسي: پيري صد عيب، چنين گفتہ اند.

ترجمو: سياڻن چيو آهي جو پيراپڻ سو ويڪون.

اهڙو ذڪر نمبر ٣٧ واري پهاڪي ۾ پڻ آيو آهي.

چ

٢٨٨- ڇيريءَ آهر پير ڏگهيرجي.

ڇيري يعني رات کي مٿي پائڻ جو ڪپڙو يعني سوڙ. سياري ۾ مٿان سوڙ ڏنڊي هوندي ۽ پير ڪانئس ڏگها پکيڙيا، ته سيءَ ۾ ڏڪندا؛ تنهن وانگي جو ماڻهو پنهنجي ڪمائيءَ کان وادو خرچ رکندو، تنهن جون سگهو ڏنگون لڳنديون يعني ڪاباربو. جهڙو هنديءَ واري ڇيو آهي:

هندي: اپني پهنچ وچارڪي ڪرتب ڪرئي دور،
تــتــي پير پسارئي جتني لنبي ســوڙ.
ترجمو: پنهنجي پڄندي ساري ڪم ڏوڙي ڪجي،
ايترو پير ڏگهارجــن، جيتري ڏگهي سوڙ.

٢٢٨- ڇڱو جن لــکيو، منڊو ســي نــه پسن،
توڙي رڻ رهن، ته ٻه ڪندو ڪانئن ڪير سان.

هي پنهنڪو بخت جي ساراهه تو ڪري، يعني بختاور کي سيج ۾ پڻ وسندي، توڙي مان وادو، نياڳ مان سياڳ.

اهڙيءَ طرح فارسيءَ واري پڻ بخت کي ساراهيو آهي:

فارسي: فروغِ بخت، طالب، سايئه هما مطلب،
چو بخت يار شود چغد هم هما گردد.
ترجمو: ڀاڳ جو موجهرو گهر، هما (١) جو پاڇو نه گهر؛
جڏهن بخت ســاٿــي ٿئي، (٢) پـــڻ هما ٿئي.

٢٢٩- چاڪر، چياڪر

چاڪر يعني چياڪر، چيو مڃيندڙ. مطلب هي آهي جــو نوڪر پنهنجي مالڪ چيو مڃيندو هوندو، سو سان لهندو؛ جهڙو گرو نانڪ شاهه جو وچن آهي:

(١) هڪڙو سياڳو ٻکي (٢) هڪڙو نياڳو پکي.

ڪي اوتري وٺندي. جھڙو ڪير ڪنڊ سان ٿئي، ۽ جھڙي لوڻ سان:
پر جي لوڻ ڪير ۾ پوي، يا ڪنڊ جھڙي ۾، ته ٻئي ٿلو ساءُ ڏيندا. جھڙو
هنديءَ واري چيو آهي:

هندي: آتم سؤن آتم ملي، ملي نيچ سون نيچ،
پاني سون پاني ملي، ملي ڪيچ سون ڪيچ.

ترجمو: چڱي سان چڱو گڏجي ڪميڻي سان ڪميڻو،
پاڻي پاڻيءَ سان ملي، ۽ ڪپ ڪپ سان گڏجي.

٢٣٢- چرين ڪھڙا چت، مٿن ڪھڙا معاملا.

چت يعني دل، پر مطلب چنتا يا فڪر. مطلب پهاڪي
جو هي آهي، جو جيئن سٺو ماڻهو دنيا جي ڏيتي ليتي ڪان پري
ٿيو، تيئن چريو ماڻهو دل جي چتونائن، توڙي دنيا جي ڏنڌن ڪان
ڇٽل آهي. پر جڏهن ڪو ڪامل دنيا کي ڪوڙ سمجهي گرهانس
ڇڏي وڃي ٿو، ته ان کي دل جي آڻ تڻ، توڙي دنيا
جي آلڪن ڪان بي پرواهه ڄاڻيو، رنگ ۾ رتو رهي، ۽ ماڻهن جي
اجائي سڄائي ڳالهائڻ جو سانگو نه رکي. جھڙو هڪڙي ڪامل
جو وچن آهي:

وچن: جيون عملي سنگ عمل لپٽانا،
ميرا من رامهن لپٽانا،
رام نام ميري هودي بسي،
نهين ڇوڏون ڇاهي ڪو هسي.

ارٿ: جيئن آفيمي آفيم سان نويڙل،
منهنجي دل ڌڻيءَ سان ڳنڍيل؛
ڌڻيءَ جو نالو منهنجي دل ۾ ٽڪي،
توڙي، تي ڪو کلي به ڪين ڇڏيندس.

فارسي: چو بيني ڪہ ياران نباشد يار،
هزيمت ز ميدانْ غنيمت شمار۔
ترجمو: جڏهن ڏسين، جو سنگتي واهرو نہ آهن،
ميدان مان ڀڄڻ غنيمت ڄاڻ.

ح

۲۴۳- حمائتڻ گڏهہ عراقيءَ کي لتون هڻي.
عراقي، گهوڙن جي چڱيءَ ذات جو نالو آهي. پهاڪي جو مطلب هي آهي، جو ڪميني ماڻهوءَ کي حمايت جو زور ملي وڃي، تہ اشراف وڏي ماڻهوءَ سان جهڳڙيندي ويرم نہ ڪري. جهڙو هنديءَ واري چيو آهي:
هنديءَ: نيل سيل ڪي ڀِڪٽي تي سيان سُون انڪات؛
ديت حمايت ڪي گڏي ماري عراقي ڪون لات.
ترجمو: هيٺو حمايت جي زور تي ڏاڍي سان وڙهي
پوي. ساڳيو پهاڪي وارو مضمون.

خ

۲۴۴- خون ڪٿوري ڳجها نہ رهن.
هن پهاڪي لاءِ ايترو ئي چوڻ بس آهي، جو ڪٿوريءَ کي گهڻو ئي لڪائي، پر سنديس خوشبوءِ نہ لڪي؛ تنهن وانگي خون پڻ. اهڙيءَ طرح فارسي پهاڪو پڻ آهي:
فارسي: خوش است اين نقطہ از خردان بگفتن.
ڪہ عشق و مشڪ را نتوان نهفتن.
ترجمو: سياڻن جي چوڻ جو هي چڱو نقطو آهي،
جو عشق ۽ ڪٿوريءَ کي لڪائي نہ سگهجي.

د

۲۴۵- دريا پر تي چوڪر ڪڏي، اڄ نہ ٻڏي سبان ٻڏي.
درياءَ جي پر ڊپ واري جاءِ آهي، تاتي چوڪر ڪڏندو، سو هڪڙي نہ ٻئي ڏهاڙي ٻڏندو. تنهن وانگي جو چوريءَ يا

ڏکيءَ يا اهڙي ٻيءَ ڪنهن هاج سان وهنوار رکندو، سو ڪڏهن نه ڪڏهن ڪاپاربو ۽ موچڙا کائيندو. جهڙو هڪڙي کان پڇيائون، ته نالو ڇا اٿي؟ چي ٻچو. چي ڪم ڪهڙا ڪرين؟ چي نانگن جي هٽ وجهان. چي تون به نه بچين.

٢٤٦- دم درميان، الله مهربان.

هي پهاڪو سختيءَ پيلن ڪي دلاسو ڏيڻ لاءِ آيو آهي، جو جنهن سختيءَ ۾ ڪي ويرم هئي، تنهن کان به نه بچجي. تنهن لاءِ فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

فارسي: خداوندان کام و نيڪ بختي،
چرا سختي کشند از پيش سختي؟
برو شادي کن ان يار دل افروز،
غم فردا نبايد خورد امروز.

ترجمو: وڏي ڀاڳ وارا صاحب مراد مند،
سختيءَ کان اڳي ڇو پريشان ٿين؟
وڃ اي يار دل ٺار خوشي ڪر،
سڀاڻي جو غم اڄ کائڻ نه کپي.

٢٤٧- دال روٽيءَ کاڌي تن کٽي، ته کٽڻ ڏي.

دال روٽي کائڻ قناعت جو آريڪڻ آهي، تنهن جي کاڌي ماٺهو واهو ڪين ٿئي، ته به نرڙائيءَ جو نالو مٽس نه پوندو. پر مطلب هي آهي، جو پهاڪي وارو قناعت لاءِ تاڪيد ٿو ڪري، تنهن لاءِ فارسي پهاڪو پڻ آهي:

فارسي: تونگري بقناعت به از تونگري به بضاعت.

٢٤٨- دل کوٽي عذر گهڻا.

اهڙو فارسي پهاڪو پڻ آيو آهي، "دل ناخوار را عذر است بسيار."

٢٥٨- ڏاهو ڪانءُ ٻه ڄنگهه ڦاسي.

ڪانءُ سياڻو پکي آهي، جو اهنجو ڦاسيءَ ۾ ...ري سندس ڦاسائڻ لاءِ اهڙي ڏول سان ڦاهي ڏيندا، جنهن ۾ سنديس ٻئي ٽنگون ڦاسي پون، جو وري ڇٽي نه سگهي. مطلب هن پهاڪي جو پڻ نمبر ٢٥٧ پهاڪي وارو آهي.

٢٥٩- ڏنو ڪير ٽٽن ۾ نه پوي.

هي پهاڪو اهڙو آهي، جهڙو ٻالهايل اکر وري وات ۾ نه اچي؛ تنهن وانگي جو ڪم هٿان ڇٽي ويو، سو وري ڪٿان هٿ ايندو. اهڙو بيان نمبر ٤٠٤ واري پهاڪي ۾ پڻ آيو آهي.

٢٦٠- ڏيڻ سڀ چڱو، ٻيڙي هڪڙي گار؛
وٺڻ سڀ ٻيڙو، چڱي هڪڙي دل.

يعني هٿان ڏيڻ سڀڪي موچارو آهي، جنهن مان سڀڪو راضي ٿئي؛ پر گار ڏيڻ اهڙي ٻيڙي آهي، جنهن ڪان پولو پڻ مٺيان ڀانئين. ۽ وٺڻ ڪي به چڱو نه آهي؛ مگر ڪنهن جي دل وٺڻ يعني راضي ڪرڻ چڱي آهي. تنهن تي فارسيءَ واري چيو آهي:
فارسي: بدست آوردن دنيا هنر نيست؛
يکي را گر تواني دل بدست آر.
ترجمو: دولت هٿ آڻڻ وڏو هنر نه آهي؛
ڪي سگهي ته هڪڙي جي دل هٿ آڻ.

٢٦١- ڏيٺي ڪي پٺ ۾ اونڌهه.

يعني اونڌهه پٺ ڏانهن لڪايو وتي؛ ۽ سوجهرو پڌرو ڪيو ڏيکاري. تنهن وانگي بعضي ماڻهو پڻ پنهنجا عيب لڪايو ثواب پڌرا ڪن، هي پهاڪو اهڙن کي ٺوڪي. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

## ز

٢٩٣- جيري لاءِ ٻڪري نه ڪهي.

جيرو ٻڪريءَ جي پيٽ ۾ ننڍڙو لنگھ آهي، يعني رڳي جيري جي ڪري مهل ٻڪري ڪهڻ اهڙي آهي، جهڙو هڪڙيءَ سر لاءِ سڄو گهر ڊاهڻ؛ تنهنڪري ٿوري مطلب ڪاڻ گهڻو زيان ڪرڻ نه گهرجي. جهڙو فارسيءَ وارو چوي ٿو:

فارسي: ترا تيشه دادم که هيزم شکن،
نگفتم که ديوار مسجد بکن.

ترجمو: توکي واهولو ڏنم ته ٻارڻ جي ڪاٺي ڀڃ؛
نه چيم ته مسجد جي ڀت ڊاهه.

٢٩٤- زالان ڏاوڻ، مردان ڪاوڻ.

ڏاوڻ يعني وهنجڻ، يعني زال جي ذات کي گهرجي، جو وهنجڻ تي ويرم ٿوري لائي، يعني جلد وهنجي؛ سو ڪو ته وهنجڻ وير کي لنگ ضرور اگهاڙا ٿيندس، ۽ زال کي اگهاڙو رهڻ مناسب نه آهي، ۽ مرد کي ڀڻ ڪاج ڪائيندي ويرم نه ڪرڻ گهرجي. مطلب جو زال کي ستر جو، ۽ مڙس کي ڦڙتائيءَ جو سعبو گهرجي.

## س

٢٩٥- سورائتڻ سور اڻ سورائت سان اوريو،
هن جو پنجهر نه پُريو، هوءَ وڃي ٿي وهلور،
پرايائين ڀور، اڳي ڪان ٻه اڳرو.

سورائت يا سورائتڻ يعني ڏکويل، اڻ سورائت يعني بيدرد، اوريو يعني ڳرهيو، پنجهر نه پريو؛ هي اصطلاح آهي يعني اثر نه ٿيو، وهلور يعني هيٺو ٿي ويو. ڀاڪي جو مطلب هي

آهي جو ڏک واري ڪي بيدرد اڳيان حال ڪرڻ مان فائدو ڪونہ ٿيندو، جھڙو سمن چيو آهي:

وچن: سمن پر گهر جائڪي دک نہ ڪهيئي روه،
ڀرم گنواوڻ آپنا ونپ نہ ڏيوي ڪوه،

ارٿ: سمن پرائي گهر وڃي روئي ڏک نہ پڌائجي،
پنهنجي لڄ وڃائبي، ورهائي ڪونہ ڏيندو.
۽ فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

فارسي: تا ترا حالي نباشد همچو من،
حال من باشد ترا افسانہ.

ترجمو: جاسين سون جهڙو حال نہ هوندءِ،
منهنجو حال تو اڳيان آکاڻي هوندي.

٢٩٦ - سنگ تاري ڪسنگ ٻوڙي.

سنگ يعني اشرافن جي صحبت، ڪسنگ ٻيڙي صحبت؛ مطلب جو ڀلاڪي واري چڱيءَ صحبت کي ساراهيو آهي؛ تنهن تي سياڻا چوندا آهن جو چڱي صحبت اهڙي آهي جهڙو پارس جو پاسو. فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: آهن چو بپارس آشنا شد،
في الفور صورت طلا شد.

ترجمو: پارس سان جڏهن لوهہ سينڌو ٿيو،
سگهو سون جو روپ ٿيو،
۽ ٻيڙيءَ صحبت جي گلا ٿو ڪري، تنهن تي هنديءَ واري چيو آهي:

هندي: ماري مرون ڪسنگ ڪي ڪيلي پاس جيون پير،
اوهہ جهولي اوهہ چيرئي سائين ڪسنگ نہ ميڙ.

ترجمو: ڪسنگ جو ماريو ائين مران، جئن ڪيوڙي وٽ پير هوءَ لڏي، هو چيرجي، ڏئي ڪسنگ نہ ملاءِ.

فريب ۾ سون روپين جي ڏني وانٹي ڪس ڪائي ۽ائيواري نبيرپائين. اهو تماشو ڏسي آڱ پڻ چوان ٿو جو ڀهاڪي واري سچ چيو آهي:

٣٢٣- سڙئي گهوڙي ۽ پٽيل ماڻهوءَ مان ڪين ٿئي.

جنهن گهوڙي کي مچر ڪائن ۽ ان زهرکان سڙي، تنهن کي سڙيو گهوڙو چئجي، سو دوائن سان پڻ سڌري ڪين، ڀهاڪي وارو پٽيل ماڻهوءَ کي پڻ اهڙو ڄاڻي ٿو، تنهن ۾ ڪو ڦير ڪونهُ آهي؛ ڇاڪان تہ جو ماڻهو ڪنهن جي دل ڏکوئيندو، تہ ڏکويل جي دل مان پٽ نڪرندي، سا ڄاڻي اثر ڪندي. فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

فارسيءَ: چہ نيڪي طمع دارد آن بيوفا؟
ڪہ باشد دعائي بدش از قفا.

ترجمو: ڀلائيءَ جي لالچ اهو ڪلال ڪئن رکي؟
جنهن جي پٺيان پاراتا هوندا.

٣٢٤- سؤ ڪري سينگار، تہ بہ ڪودڙيءَ پُٺ ڪودڙو.

اکرن جي معنيٰ سولي آهي جا سڀڪو ڄاڻي ٿو، مطلب هي آهي، جو ڪميٹو ماڻهو چڱيءَ پوشاڪ کي خوار ڪندو. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

: نا سزائي کي خرقہ در بر کرد،
جامہ ڪعبہ راجُل خر ڪرد.

ترجمو: نالائق جنهن گودڙي پهري،
تنهن ڪعبي جي ڪپڙي کي گڏهہ جي جُهل ڪيو.

٣٢٥- سهڻا ڏوهہ بہ پٽن ۾ آهن.

ڏوهہ هڪڙو جهنگلي ول جو ڦر آهي، جو ڏسڻ ۾ گدري کان پڻ سهڻو، ڪائڻ ۾ ايڙي کان بہ ڪوڙو، ڀهاڪي واري

٣٣٠— سي ادائي، سي سادا ۾.

سادن ۾ ۽ ادائن ۾ ايترو ڦير آهي، جيترو ٣١٥ واري ڀاڪي ۾ بيان ٿيو آهي؛ ۽ هن ڀاڪي جو مطلب پڻ ڏڏن جي بي‌سمجهي ڏيکارڻ جو آهي. سياڻي کي گهرجي، جو اهڙي ڏڏ جي صحبت کان پاسي رهي، ۽ نه سمجهي ته ڪو ڪانئس سکندو، بر شال هي سندس سنگت مان ڪري نه. تنهن تي هڪڙو فارسي مثل آيو آهي:

فارسي: خري را ابلهي تعليم ميڪرد،
بر اوبر صرف ڪردي عمر دائم؛
حکيمي گفت اي نادان چه ڪوشي؟
درين سودا بترس از لوم لائم.
نيا موزد بهائيم از تو گفتار،
تو خاموشي بياموز از بهائم.

ترجمو: هڪڙي ايائي هڪڙي گڏهه کي سيکاريو.
سدائين ان تي ڄمار ٿي وڃايائين،
سياڻي هڪڙي چيس ڙي ڏڏ ڇو ٿو سعيو ڪرين؟
هن سوداءَ ۾ مٿي هٽڻ کان ڊڄ.
مرون توکان ڳالهائڻ نه سکندو،
تون مرونءَ کان ماٺ سک.

٣٣١— سوناري جو سؤ ٺڪن، لوهر جو هڪڙو ٺڪ.

جو ڪم سوناري جي سؤ ٺڪ هڻڻ مان ٿئي، آهو ڪم هڪڙي ٺڪ مان ڪري سگهي. تنهن وانگي ڏڏ ماڻهو گهڻي ڏاڪڙي مان هس ڪري، سياڻو اهو ڪم اشاري

،وڻ، اکين جو زبان.

رڳو ڳالهه ڪرڻ مان حال سمجهي،

گڻ هڻ اجايو آهي. تنهن لاءِ هڪڙو

ترجمو: جيڪڏهن پاڻئين تہ ڪنهن مان گل ٽِٽيءِ،
تہ رکو توڪل ٿي توڪل ڪر.

## ڪ

۳۵۱- ڪتم سب چمار، پاندي پوري ڪين ٿي.

پاندي، زالون سڀ ڪتن، جڏهن هڪڙي پاندي پوري ٿي، تڏهن آها ڏسڪ تان لاهي ٻي پاندي ڏاڻن سا، پر جڏهن هڪڙي پاندي پڻ سڄيءَ چمار ۾ پوري نہ ٿيندي، تڏهن ڪتان ڪتبي. تنهن وانگي سڄي چمار مايا جي ڏنڏي ۾ وڃائبي، تہ ڏڻيءَ جي يادگيري ڪڏهن ڪبي؟ فارسيءَ واري پڻ اهڙو ڏوراپو ڇيو آهي:

فارسي: طفلي بہ بازي، جواني بہ مستي،
پيري بہ سُستي، ڪَي خدارا پرستي:

ترجمو: ٻـالاتڻ رانـد ۾، جوانـي نشـي ۾،
پوڙهائي هيڻائيءَ ۾، ڪڏهن ڏڻيءَ کي پوڄيندين؟

۳۵۲- ڪکان ڪوڙي ٻاهر، غلامان دوستي،
يـار نـہ ڪهي ڏوم، پيادا پـوستي.

ڏوم، يعني لنگهو، پيادو، هي اصطلاحي لفظ آهي يعني پِل جي اوڳڙ ڪندڙ، پوستي يعني پوست جي نشي پيڻ وارو، مطلب هي آهي، جو ڪکن جي باهہ ڪوڙي جتاءُ نہ ڪري، ۽ گولاڙي جي دوستي پڻ ڪمائتي نہ آهي. جنهن لاءِ عربي پهاڪو آهي:

عربي: لاخير في عبيدي.

ترجمو: نہ آهي ڀلائي گولاڙي مان.

تنهن وانگي لنگهي، پيادي ۽ پوستيءَ جي دوستيءَ مان بہ نيڪ نلائي آهي.

رونشو يا ڪو ڪم ڏسبو، تہ گھڻا ڏهاڙا ياد رهندو؛ تڏهن ڪاٿي ڪان ڏسڻ چڱو ٿيو يا نہ؟ پر مطلب هيءُ آهي، جو گهر ڪنڊ ۾ ويهي ڪاٿي آرسي نہ ٿيءُ؛ ٻاهر نڪر، گھم ڦر، ڌڻيءَ جا رنگ ۽ اچرج ڏس. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: تا بہ دڪان خانہ در گروي،
هرگز اي خام آدمي نشوي.
بَرو اندر جهان تفرج ڪن؛
پيش زان روز کز جهان بروي.

ترجمو: جاسين گهر جي هٽ ۾ ڦهي پيو آهين،
اي ڪچا ڪڏهن ماڻهو ڪين ٿيندين.
وڃ جهان ۾ ۽ گهوم ڪر؛
جهان مان وڃين تنهن ڏهاڙي ڪان اڳي.

٦٤٦— گهر ۾ ڪڏ هئي تہ ٻهر ٻاهر ڇو اڇلجي.

سيڪو ماڻهو ٻهاري پائي ٻهر گهر ڪان ٻاهر اڇلائي ٿو ڇڏي، پر جڏهن گهر ۾ ٻهر رکڻ جي جاءِ هئي، تڏهن ٻاهر ڇو اڇلائجي؟ جيتوڻيڪ هي ٻهاڪو ڪني ڪم جي وس ۾ آيو آهي، پر سندس سڻو مطلب هي آهي، جو هي ماڻهو ذات پاڪ ڌڻيءَ جي ڪي جو ٻاهر ٿو ڳولي، سا ڀل آهي. ڇا ڪان جو ڌڻيءَ جي جوت هن جي اندر آهي، تڏهن ٻاهر ڇو ٿو آڏيڙا ڪائي. تنهن تي شاهہ عبداللطيف پڻ فرمايو آهي:

نائي نيڻ نهار، تہ تو ۾ ڏيرو دوست جو.

۽ بابا نانڪ صاحب پڻ فرمايو آهي:

وهن: گهر ۾ ٺاڪر نظر نہ آوي، گل ۾ پاٿرلي لٽڪاوي.

ترجمو: اندر ۾ ڌڻي نٿو ڏسجي،
ڳچيءَ ۾ پاهڻ لڙڪائي ٿو.

اندر ۾ آهي تيسين امانت جو جوکو نہ آهي؛ ۽ جڏهن لوڀ چڏيائين تڏهن مائٽ کي، تـهڙو ڌارئين کـي چاڻندو ۽ امانت ۾ خيانت ڪڏهن نہ ڪندو، تہ سون چڻ مٽيءَ سان ورهايائين. تنهن تـي فارسي بيت پڻ آهي:

بيت: چو در چشم شاهد نيايد زرت،
زر و خاڪ يڪسان نمايد برت.

ترجمو: جڏهن سون تنهنجي اک ۾ پيارو نہ لڳي،
سـون ۽ مـٽـي هـڪ جـهـڙا ڏسـنـدين.

١٩٧- لهي لوهہ يہ نہ، چي منهنجو نالو سون پائي.

هن پهاڪي جي لفظي معني پـڌري آهي؛ مگر سمجهائي هيءَ اٿس، جو هڪڙو ماڻهو نڌر پنهنجي پيرن اڳيان ڪريل بير بہ کڻي نہ سگهي، ۽ آپ مان لاهڻ جو دم هڻي. تنهن کي فارسيءَ وارو ٿو چوي:

بيت: تو ڪار زمين را نڪو ساختي،
ڪہ بر آسمان نيز پرداختي.

ترجمو: ڌرتيءَ جـا سڀ ڪم پـورا ڪيئي،
هـاڻـي آپ تي پـورا ڪرڻ هلئين.

يا هڪڙو گانڊو گدڙ کان پڻ ڀڄندو هجي، ۽ شينهن سان وڙهڻ جي ٻڌاڪ هڻي. تنهن کي فارسيءَ وارو هي بيت ٻڌائـي سمجهائي ٿو:

بيت: مزن بانگ بر شير مردان درشت،
چو با ڪودڪان بر نيائيَ بہ مشت.

ترجمو: شينهن جهڙن ڏاڍن مڙسن سان دم نہ هڻ،
جڏهن ڇوڪرن سان مٺ ويڙهہ نہ پهچين.

پـر مطلب هـي آهـي، جـو پنهنجي سگهہ کـان واڌو ڳالهہ نہ ڏيڻ کپي.

صحبت ڏاران ٻي صحبت ڪنهن کي نه وڻي. جهڙو فارسي جو بيت چيو آهي:

بيت: چو طوطي ڪلاغش بود هم نفس،
غنيمت شمارد خلاص از قفس.

ترجمو: جڏهن ڇتون ساڻ ڪانءُ ڪَڏ هئي،
تڏهن پڃري مان ڇٽڻ غنيمت ڳڻي.

٥٠٣- ملا مٺو، مهابو لٺو.

ملو يعني ڇوڪرن پاڙهڻ وارو، مهابو يعني لحاظ، پڙهڻ وارن ڇوڪرن جي لحاظ ملي سا رکيو سبق پڙهڻ تائين آهي. تنهن جو هي فارسي دليل:

فارسي: دوستي ملايا تا بهم طبق،
دوستي ڪان ڪودڪا بهم سبق.

ترجمو: ملن جي پريت طبق* تائين،
ڇوڪرن جي پريت سبق تائين.

يلا جڏهن ملي جيڏي جو مهابو سبق کان پوءِ ڇڏيائون، تڏهن ملي مٺي کان پوءِ ڪهڙو مهابو رهندن. پر اها ڪلائي لاڙهڻ جو ڪم آهي، جو اشرافن ماڻسن کي نه وڻي.

٥٠٥- ميان جي مڏي، ته ڏندڻ نين تڏي،

هڪڙا ماڻهو ٿوريءَ هوند وارا ٿانءُ گهڻي ڪن، تن لاءِ هي پهاڪو آيو آهي. آن تي هڪڙو نقل آيو آهي:

هڪڙو مسافر ڪنهن ڳوٺ ۾ وڃي لٿو، ۽ وڃائو ساڻ ڪونه هوس، رکيو لباس سانس هو، جو ڏينهن ڪلهن ۾ ڏيکيندو هو، ۽ سڀهڻ مهل اوڇڻ ڪندو هو. ڳوٺ جا ماڻهو مهمان آيو ڀڏي وٽس ڪَڏجڻ آيا. جڏهن ڳچ ويرم لنگهي، پانيائين جو ڳوٺ

* يعني ڪاچ جو ٿانءُ

ٻيڙو ڪونہ ڳالهائي، ۽ نہ ڪنهن جو مان لاهي؛ تہ تنهنجو مان بہ ڪونہ لاهي: يعني تنهنجو مان تو وهيٺو آهي. تنهن تي فارسي بيت آيو آهي:

بيت- چہ نيڪو زده ست. اين مثل برهمن،
بـود حرمت هرڪس از خويشتن.

ترجمو: ڪهڙو چڱو مثل ٻانڀڻ چيو آهي،
سڀڪنهن جو مان پاڻ وهيٺو آهي.

٥١٦- ناڻو سو جو ڳنڍ، سا جا ڪنٺ.

پاڻي يعني جيڪي پڙهجي. پهاڪي جو مطلب هي آهي، تہ ناڻو اهو ڪم ايندو، جو هڙ ۾ يعني پاڻ وٽ هوندو؛ تهڙيءَ ريت علم اهو ڪم ايندو، جو ڪنٺ يعني ياد هوندو. تنهن تي فارسي بيت آيو آهي:

بيت: علم همان نيست در جلد ميش،
علم همان‌ست کہ در جلد خويش.

ترجمو: اهو علم ڪار نہ آهي جو چم جي جلد يعني ڪتاب ۾،
اهـو عـلـم ڪار آهـي جـو پنهنجي چم يعني دل ۾.

٥١٧- نہ ڪتي، نہ ڪوريءَ جي ڪاڻ ڪڍي.

جيڪي زالون ڪتي سٺ مان ڪپڙو اُڻائن، تن کي جائي ڪوريءَ جي ڪاڻ ڪڍڻي پوي؛ پر جيڪو موران نـہ ڪتن، تن کي ڪهڙي ڪاڻ؟ تنهن وانگي جو ماڻهو ماڳان ٻيڙي ڪم ڪان پري هوندو، تنهن کي جواب ڀرڻو جو ڪهڙو ڏپ؟ جهڙو فارسي مثل آهي:

فارسي: آنرا کہ حساب پاڪ ست از محاسبہ چہ پاڪ؟

ترجمو: جنهن جو ليکو چوکو آهي تنهن کي ليکي ونڊڻ جو ڇا ڏپ؟

وچن: ڪري ڪرائي آهي آپ،
مانڪ ڪي ڪڇ نهين هاٿ.
ارٿ: ڪرائي ڪري سڀ ڌڻي پاڻ؛
ماڻهوءَ جي هٿ ڪي به نه آهي.

٥٢٨- وڃي سڱن ڪي، ڪن به وڃائي آئي.

هن پهاڪي جو مطلب هي آهي، جو هڪڙي گڏهه، ڌڻيءَ کان سڱ ٿي گهريا، پر ابتري ۾ هڪڙي پوڪ ۾ پيل ڪيائين، تنهن جي هاريءَ ڪن وڍي ڇڏيس؛ جهڙو ڪي هڪڙو فقير ڪنهن کان ٽڪر مانيءَ جو گهري، اڳلو ڪپڙا به لاهي وٺيس. ان جهڙو فارسي پهاڪو به آهي: .
پهاڪو: بيچاره خر آرزوي دُم ڪرد؛
نايافت دُم ودو گوش گم ڪرد.
ترجمو: ويچاري گڏهه پڇ جي سڌ ڪئي،
پڇ نه مليس پر ڪن وڃايائين.

٥٢٩- ويهي ويهي مُڙس ڪري، سا وَهي ڇو وڃائي.

جنهن عورت ڪي نيٺ مُڙس ڪرڻو هئي، سو ويهي جواني وڃائي پڇاڙيءَ ۾ پرڻبي تنهن کي ڇا سواد ايندو؛ ۽ اوڙڪ پڇتائينديءَ. تنهن وانگي جنهن ڪم مان نيٺ پڇتاءُ ٿئي، سو مهل ويچاري ڪرڻ ڪپي.

٥٣٠- وهي درياءَ جي پر تي، وجهي واڳوءَ سان وير.

هن پهاڪي جو مطلب هي آهي، جو پاڻان ڏاڍو پاڙي ۾ هجي تنهن سان وير رکڻ مان نيٺ پلائي ڪانه آهي. اهڙو مثل هنديءَ ۾ چيل آهي:
هندي: ڪيسي بن هي نيبل ڪون ڪر سبلن سون غير؟
جيسي بس ساگرو ڪي ڪرت مگر سون بير.

٥٣٥- ونڊ ڪائيي، سک پائيي.

هن پهاڪي جي معنيٰ ۽ اهڙو اهنجو اڪر ڪونہ آهي، جنهن جي لکڻ جو ڪپ هجي، مگر مطلب هي آهي، جو سخاوت جي ساراهہ آهي. هن ريت جو ونڊيو ڪاءُ يعني ڏنيءَ جي نالي بہ ڏي، ۽ ڪاءُ بہ، ڇاڪاڻ جو ان بن ڪن ڏاران ناڻو ٻيو ڪهڙي ڪم ايندو؟ تنهن لاءِ فارسي بيت پڻ آيو آهي:

فارسي: اگر گنج قارون بدست آوري،
نماند مگر آنچہ بخشي خوري.

ترجمو: جيڪڏهن قارون جو خزانو هٿ ڪندين،
جيڪي ڪائيندين ۽ ڏنيءَ جي نانءِ ڏيندين،
تنهن ڏاران نہ رهندو.

٥٣٦- وڃن ٻير، ڪائون ڊاڪون، تن گهرن جون ڪهڙيون سا ڪون؟

ٻير، هڪڙي سستي وکري، ۽ ڊاک مهانگي وٿ آهي: تنهن جو مطلب هي آهي، تہ جو ماڻهو ڪمائيندو ٿورو ۽ ڪائيندو گهڻو تنهنجي پت ڪٿان رهندي؟ اهڙي لاءِ فارسيءَ واري پڻ ارسان ڪائي بيت چيو آهي:

بيت: بر احوال آنکس ببايد گريست،
کہ دخلش بود نوزده خرچ بيست.

ترجمو: اُن جي حال تي رئڻ گهرجي،
جنهن کي آوڻيهہ آپت ويهہ کپت.

٥٣٧- وير وير واڌائي بہ ورچي.

واڌائيءَ جهڙي ڳالهہ جا سڀ کي وڻي، هر هر چوڻ سان آها بہ نہ وڻي، تڏهن بہ ڳالهہ وري وري ڳالهائبي، تہ ڇا سواد ڪندي؟ تنهن لاءِ فارسيءَ واري چيو آهي:

۵۴۳- هاسي ڪرّه جي ماسي.

ماسي يعني ماءُ جي ڀيڻ يعني مائٽياڻي. پهاڪي جو مطلب هي آهي، جو هاسي يعني مسخري يا ٺٺولي، جهيڙي جي پاڙ آهي. جهڙو فارسي پهاڪو آهي:

پهاڪو: المسخري مايهءِ فساد.

ترجمو: ٺٺولي جهيڙي جي موڙي.

۵۴۴- هڙ به گاسو، لوڪ به تماشو.

ڪنهن ڪنهن محل ۾ ماڻهوءَ جي هٿان قضا اهڙا ڪم ڪاري، جنهن مان گهر کي به گهاٽو پوي‌س، ۽ ماڻهو به مٺانس کلن؛ جهڙو هڪڙو ماڻهو سهانگائيءَ ۾ هڪڙو واپار مهانگو وٺي، تنهن کي پاڙي وارا پڻ جهلين، پر نيت ان واپار ۾ گهاٽو پائي، ته هڙ جو ڇيهو پوي‌س، ۽ پاڙي وارا به کلائنس. اهڙن ڳالهين لاءِ هيءُ پهاڪو آهي.

۵۴۵- هڪڙو چوي پيو مڃي، تنهن جو پورهيو ڏٺي نه پڄي.

هن پهاڪي وارو هڪڙي جي ڇٺي مڃڻ جو ڳڻ ڏيکاري ٿو، يعني ڇٺي مڃڻ کان ڏٺي به خوش ٿو ٿئي. تنهن تي گرونانڪ صاحب جو وچن آهي:

وچن: آگيا مان ِ جان ِ سک پايو.

ارٿ: چوڻ مڃي ڄاڻي سک پاتو.

۵۴۶- هٿ جنين جو هيٺ، پهرين پٽڻ سي لنگهندا.

هٿ هيٺ يعني هٿ سنئون يعني ڏيڻ وارو، يعني جنهن جو هٿ پئسي ڏيڻ لاءِ سنئون هوندو، سو پٽڻ جي پهرئين پور ۾ لنگهندو. پر مطلب هي آهي، ته جيڪو سخاوت ڪندو، تنهن جو سڀڪو ڪم اڳي ٿيندو. جهڙو فارسي بيت آهي:

۽ مورک چاڻي ته، جو جيوت رکي کائڻ ڪاڻ آهي. تنهن کي فارسي بيت چيئي ڪري سمجهائي ته:

بيت: نان از براء زيستن و ذکر کردن است،
تو معتقد که زيستن از بهر خوردن است.

ترجمو: ماني جئڻ ۽ يجن ڪرڻ لاءِ آهي،
تو وسهيو ته جئڻ کائڻ لاءِ آهي.

۵٦۲- هنڌ ڏسي هاسي ڪجي.

هاسي يعني ڪل، پهاڪي جي معنيٰ هيءَ آهي، جو مهل ڏاران گهڻو نه ڪجي؛ پر مطلب هي آهي؛ جو جيڪي ڳالهائڻو هجي؛ سو هنڌ ڏسي مهل سر ڳالهائجي. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

بيت: هران عاقل که با مجنون نشيند،
نبايد کردنش جز ذکر ليلي.

ترجمو: جو سياڻو مجنونءَ گڏ وهي،
ليليءَ جي ڳالهه ڌاران ٻيو نه ڳالهائي.

۵٦۳- هڪڙو هٿ کير ۾، ٻيو هٿ نير ۾.

نير يعني پاڻي؛ پهاڪي جو مطلب هي آهي، جو دنيا ۾ سک توڙي ڏک، هڪ ٻئي پٺيان لڳائي پيا آهن. جهڙيءَ ريت ڏينهن پٺيان رات، يا گل سان ڪنڊو، ۽ ماکيءَ سان ڏنگ.

۵٦۴- هرڻي اڳي نچڻي، ويتر پيس گهنڊڙي.

هرڻي هڪڙو جهنگلي ڏاهڙو مرون آهي، تنهن کي گنڊڙي ڳچيءَ ۾ ٻڌبي، ته هٿاهين واڌو ڏهندي ۽ نچندي. تنهن وانگي اهڙو ماڻهو اڳي ڏاڙ، تنهن کي ناڻو هٿ لڳو يا وڏپ ملي، ته اڳي کان گهڻي ڏاڍ ڪندو. تنهنڪري اهڙو وڏهو چڱو آهي. اهڙي لاءِ فارسي مثل آهي:

پر جڏهن تيل نہ ملَيس، تڏهن ڇاڪيءَ جي مهابائي ڇٻي؟ تڏهن ويچار ڪرڻ گهرجي تہ جو ماڻهو پنهنجي سڄڻ يا مائٽ جو مهابو نہ رکندو، تنهن ۾ ڏارين جي ڪهڙي اميد رهندي.

٥٧ــ ياد جنين کي يار، سي ياد هميشه يار کي.

جي ماڻهو يار کي ياد ڪندا، يار بہ انهن کي ياد ڪندو، يعني جي ڌڻيءَ کي ياد ڪندا رهندا، ڌڻي پڻ مهرباني ڪري انهن کي نہ وساريندو. تنهن تي هنديءَ واري چيو آهي:

هندي: جل ۾ بسي ڪمودني چندا بسي آڪاس،
جو جاهوڪي من وسي سو تاهوڪي پاس.

ترجمو: ڪُوڏي رهي پاڻيءَ ۾، چنڊ رهي آپ ۾،
جو جنهن جي دل ۾، سو ڄاڻ ان وٽ آهي.

تڏهن اهڙي ڌڻيءَ کي جو پنهنجي ياد ڪندڙ ٻانهن کي نہ وساري، تنهن کي سدائين ياد ڪندو رهجي!

اڙي ڪيولرام! تون پڻ اهڙي ڌڻيءَ کي ياد ڪري ڪتاب پورو ڪر!

* *

# ڪتاب جي پڇاڙي

هن ڪتاب جوڙڻ تي جيتوڙي تہ ڳچ ڏهاڙا لائي گهڻو پورهيو ڪري پورو ڪيو آهي، تڏهن بہ اهڙو چڱو نٿو چوانس، جنهن کي ڏسي پڙهڻ وارا ساراهن. مگر ڀلاوَ جا ڪايار ڪنهن ڪنهن مهل جوار جي روٽي بہ دل ڪري کائيندا آهن. هي ڪتاب بہ هڪڙي نئين ڍول جو ٿيو آهي، تنهنڪري ڀانيان ٿو جو پڙهڻ وارا هن کي پڙهي، جوار جي مانيءَ وانگي مواد وٺندا.

ڪتاب پورو ڪري سندس نالي رکڻ لاءِ هڪڙي جوتشيءَ کان پڇيم، جنهن جو نالو عاقل، تنهن فرمايو تہ جڏهن پنج سؤ ۽ ستر پهاڪا منجهس آيا آهن، تڏهن آبجد جي ليکي پٽاندر (گل شڪر) نالو رکڻ گهرجي، جو گل شڪر هڪڙي جڙيل دوا آهي، جنهن کي (گلقند) بہ چون. تنهن ۾ ٻہ شيون هڪڙا گل، ٻي مصري پون؛ تنهن وانگي هن ۾ بہ هڪڙا پهاڪا ۽ ٻيو ارٿ گڏيو آهي، اها ڳالهہ وڻيم. ڀانيان ٿو تہ پڙهڻ وارن کي بہ اهو نالو وڻندو.

پورو ٿيو ڪتاب گل شڪر، جوڙيل ڪيولرام سلامتراءِ آڏواڻي مکهو جو، تاريخ ۲۷ مهني آڪٽوبر ۱۸۶۹ع جي ٻـڌر ڏهاڙي، حيدرآباد سنڌ ۾.

## گل شڪر

| | |
|---|---|
| گ | ۲۰ |
| ل | ۳۰ |
| ش | ۳۰۰ |
| ڪ | ۲۰ |
| ر | ۲۰۰ |
| | ۵۷۰ |

**گل شڪر** سنڌي ٻوليءَ ۾ پهاڪن تي پهريون ڪتاب آهي، جو **ديوان ڪيول رام سلامت راءِ آڏواڻيءَ** سرڪاري نوڪريءَ مان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ نهايت پورهيو ڪري 1869ع ۾ لکي پورو ڪيو، پر پنجٽيهه سالن تائين مسودو ڇپڻ بنا پيو رهيو ۽ نيٺ 1905ع ۾ پهريون ڀيرو شايع ٿيو.

ديوان صاحب انهن لکندڙن مان هو، جيڪي پبلشر جي پرواهه نه ڪندي، پنهنجين لکڻين کي ايندڙ نسلن لاءِ ڇڏي ويندا آهن ۽ پنهنجي نه لکڻ کي پبلشر نه ملڻ جو ڪارڻ نه ٻڌائيندا آهن.

هن ڪتاب ۾ پنج سؤ کان ٻه مٿي پهاڪا جمع ڪيل آهن، جي پڙهندڙ جي سهوليت لاءِ نه رکيو الف-بي وار ڏنل آهن، پر انهيءَ سان گڏ پهاڪن ۾ ڪتب آندل ڏکين لفظن جي معنيٰ، سمجهاڻي ۽ پهاڪن جو پس منظر ٻه ڏنل آهي ته جيئن اسڪولي شاگرد ٻه سمجهي وڃي. ان سان گڏ هندي ۽ فارسي هم معنيٰ شعر ۽ پهاڪا ٻه ڏنل آهن.

دراصل ڪوبه سنڌي لکندڙ يا پڙهندڙ هن ڪتاب جي ڪارائتي هجڻ کان انڪار نٿو ڪري سگهي. سنڌي لکندڙ لاءِ ته هي ڪتاب بيحد ضروري آهي.

هن ڪتاب جي اهميت جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته هن ڪتاب جو هي ستون ايڊيشن آهي.

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جھڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَس پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جٺن جٺن جاڙ وڏي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........
... ... ... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ "منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)